# شبِ براءَت

## ڪيئن گذاريون؟

17-March-2022

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

17 مارچ، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# شبِ براءَت ڪيئن گذاريون؟

هن بيان ۾ اوهان چاڻي سگهندؤ

✿...شبِ براءَت آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا مُشَاهدات

✿... شبِ براءَت ملائڪن جي عيد جي رات آهي

✿... امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڪجھ نصيحتون

✿... شبِ براءَت اچڻ کان پهريان ڪرڻ وارا 3 ڪم

**پيشڪش**

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت امام جعفر صادِق رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص شعبانُ المعظم ۾ روزانو 700 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ ڪجهه ملائڪ مُقَرَّر فرمائيندو جيڪي ان درودِ پاڪ کي رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ پهچائيندا، هن سان رسولِ ذيشان، رحمتِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ رُوح خوش ٿيندو، پوءِ الله پاڪ ان ملائڪن کي حڪم فرمائيندو تہ هن درود پڙهڻ واري جي لاءِ قيامت تائين بخشش جي دُعا ڪندا رهو.[1]

| | |
|---|---|
| کیا خوف مجھ کو پیارے نارِ جحیم سے ہو | تم ہو شفیعِ محشر تم پر سلام ہر دَم |
| دُنیا و آخرت میں جب میں رہوں سلامت | پیارے پڑھوں نہ کیونکر تم پر سلام ہر دَم[2] |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دار ومدار نيتن تي آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، صفحہ:208۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:168۔

[3]...بخاری، کتاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت اَفضَل ترين عَمَل آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون! نيت ڪريو: ۞ نگاهون هيٺ ڪري ڌيان سان بيان ٻُڌندس ۞ عِلْمِ دين جي تعظيم جي خاطر جيتري دير ٿي سگهيو اَلتَّحِيَّات جي شڪل ۾ (يعني جهڙي طرح نماز ۾ اَلتَّحِيَّات پڙهڻ جي لاءِ ويهندا آهيون، اهڙي طرح) ويهندس ۞ بيان کان بعد پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس ۞ هٿ ملائيندس ۞ ۽ نيڪي جي دعوت پيش ڪندس.

اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! شَعْبانُ المعظّم پنهنجون برڪتون لُٽائي رهيو آهي، سياڻي اِنْ شَآءَ اللهُ الْڪَرِيْم! شبِ بَراءَت ٿيندي، شبِ براءَت يعني نجات جي رات، جهنّم کان ڇوٽڪارو ملڻ جي رات ۞ هي وڏي برڪتن واري ۞ عظمتن واري رات آهي ۞ هن رات ۾ الله پاڪ پنهنجي ٻانهن تي خصوصي رحم ۽ ڪرم فرمائيندو آهي۞ لکين گنهگارن جي بخشش ڪئي ويندي آهي ۞ شبِ براءَت دُعائن جي قبوليت جي رات آهي. ۞ شبِ براءَت رُوزي تقسيم ٿيڻ جي رات آهي ۞ هن رات ۾ رزق جي برڪت جي لاءِ جيڪا دُعا گهري وڃي، اها قبول ٿيندي آهي.

آئی شَب براءَت، یہ ہے برکتوں کی رات
جو چاہتے ہو، تم کو کرے گا خدا عطا
غم کا علاج آج کی شب دستیاب ہے

لطف وکرم کی رات ہے، یہ رحمتوں کی رات
اس کی عنایتوں کی ہے یہ نعمتوں کی رات
یہ جاں فزاہیں ساعتیں، یہ فرحتوں کی رات

## ڀلائين جا در کُلڻ واري رات

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: الله ڪريم 4 راتين ۾ ڀلائين جا دروازا کولي ڇڏي ٿو: (1) بقره عيد جي رات (2) عيدالفطر جي رات (3) شعبان جي پندرهين رات جو هن رات ۾ مرڻ وارن جا نالا، ماڻهن جو

رزق ۾ حج ڪرڻ وارن جا نالا لکيا ويندا آهن (4) عرفه (يعني 9 ذُوالحج) جي رات.[1]

## بخشش ۽ مغفرت جي رات

شُعَبُ الْاِيمان ۾ حديثِ پاڪ آهي، اسان جي آقا و مولِيٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: 15 شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت تي) هڪ پُڪارڻ وارو پُڪاريندو آهي تہ: ۞ آهي ڪو مغفرت چاهڻ وارو جو ان جي مغفرت ڪئي وڃي ۞ آهي ڪو گهرڻ وارو جو ان کي عطا ڪيو وڃي، پس بدڪار عورت ۽ مشرڪ کان عِلاوه جيڪو بہ حاجت طلب ڪندو آهي، ان جي حاجت پُوري ڪئي ويندي آهي.[2]

## شبِ براءَت تي آقا ڪريم جا مشاهدا

اِبْنِ عساڪر ۾ آهي: هڪ ڀيري شبِ براءَت تي ملائڪن جي سردار حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! اُٿو، نماز ادا فرمايو جو هي اها رات آهي جنهن ۾ رحمت جا 300 دروازا کوليا ويندا آهن، هن رات ۾ ۞ الله پاڪ سان ٻين کي شريڪ ڪرڻ وارن ۞ پاڻ ۾ بغض ۽ ڪينو (يعني دِل ۾ دشمني) رکڻ وارن ۞ شرابين ۽ بدڪارن کان عِلاوه **سڀني جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.**

جيئن تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جنّتُ البقيع (يعني مديني پاڪ جي قبرستان) ۾ تشريف وٺي ويا ۽ مٿو مبارڪ سجدي ۾ رکي هيئن دعا گهريائون:

اَعُوْذُ بِعَفْوِكَ مِنْ عِقَابِكَ وَاَعُوْذُ بِرِضَاكَ مِنْ سَخَطِكَ وَاَعُوْذُبِكَ مِنْكَ جَلَّ ثَنَاءُكَ لَا اَبْلُغُ الثَّنَاءَ عَلَيْكَ اَنْتَ كَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰى نَفْسِكَ

ترجمو: اي الله پاڪ! مان تنهنجي عذاب کان تنهنجي معافي، تنهنجي

---

[1] …تفسير دُرِّ منثور، سورۂ دُخان، زيرِ آيت:1تا 5، جلد:7، صفحہ:402۔

[2] …شُعَبُ الْاِيْمان، باب في الصِّيَام، جلد:3، صفحہ:383، حديث:3836۔

ناراضي کان تنهنجي رضا ۽ تو کان تنهنجي پناهه طلب ڪريان ٿو، (اي الله ڪريم!) تنهنجي تعريف بلند آهي، مان تنهنجي تعريف جو حق ادا نه ٿو ڪري سگهان، تنهنجي حقيقي شان اها ئي آهي جيڪا تو پاڻ بيان فرمائي.

پوءِ حضرت سيدنا جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام رات جي چوٿين حصي ۾ نازل ٿيا ۽ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! پنهنجو سِر مبارڪ آسمان جي طرف مٿي ڪٽو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو سر مبارڪ آسمان جي طرف مٿي ڪنيو ته ڏٺائون ته رحمت جا دروازا کليل آهن. هر دروازي تي هڪ ملائڪ اعلان ڪري رهيو آهي ۞ پهرين دروازي جو ملائڪ هيئن اعلان ڪري رهيو هو: مبارڪ هجي ان کي جيڪو هن رات عبادت ڪري ۞ ٻئي دروازي جو ملائڪ هيئن اعلان ڪري رهيو: مبارڪ هجي ان کي جيڪو هن رات سجدو ڪري ۞ ٽيئن دروازي جو ملائڪ چئي رهيو هو: مبارڪ هجي ان ڪي جيڪو هن رات رڪوع ڪري ۞ چوٿين دروازي جو ملائڪ اعلان ڪري رهيو هو: مبارڪ هجي ان کي جيڪو هن رات ۾ پنهنجي رب پاڪ کان دعا گهري ۞ پنجين دروازي جو ملائڪ هيئن اعلان ڪري رهيو هو: مبارڪ هجي ان کي جيڪو هن رات پنهنجي رب تعالٰي سان مناجات ڪرڻ ۾ مشغول آهي ۞ ڇهين دروازي جو ملائڪ اعلان ڪري رهيو هو: هن رات ۾ مسلمانن کي مبارڪ هجي ۞ ستين دروازي جو ملائڪ پڪاري رهيو هو: الله پاڪ کي هڪ مڃڻ وارن کي مبارڪ هجي ۞ اٺين دروازي جو ملائڪ پڪاري رهيو هو: آهي **ڪو توبه ڪرڻ وارو جو ان جي توبه قبول ڪئي وڃي** ۞ نائين دروازي جو ملائڪ اعلان ڪري رهيو: آهي **ڪو مغفرت طلب ڪرڻ وارو جو ان جي مغفرت ڪئي وڃي** ۞ ڏهين دروازي جو ملائڪ اعلان ڪري رهيو هو: آهي **ڪو دُعا گهرڻ وارو جو ان جي دُعا قبول ڪئي وڃي.**

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هي رحمت ڀريو منظر ڏسڻ کان بعد فرمايو: اي جبريل! هي دروازا ڪيستائين کليل رهندا؟ عرض

ڪيائون: رات جي ابتداء کان وٺي طلوعِ فجر تائين، **دروازا ايئن ئي کليل رهندا.**[1]

| | |
|---|---|
| کُشتِ اُمّید پہ ہے فَضْلِ خُدا آج کی رات | ہر طرف چھائی ہے رحمت کی گھٹا آج کی رات |
| کس قدر جوش پہ ہے حق کی عطا آج کی رات | پائیں گے سارے طلب سے بھی سِوا آج کی رات |
| مغفرت ڈھونڈتی پھرتی ہے گنہ گاروں کو | مہرباں کتنا ہے بندوں پہ خُدا آج کی رات |
| کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائِل | آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات |
| آج کی رات نہ غفلت میں گزاری جائے | رَبِّ اکبر کی کرو حمد وثنا آج کی رات |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شبِ براءَت ملائڪن جي عيد جي رات آهي

حُجَّةُ الاِسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: چيو ويو آهي تہ جيئن مسلمانن جي لاءِ عيد جا 2 ڏينهن آهن، ايئن ئي آسمان جي ملائڪن جي لاءِ 2 راتيون عيد جون آهن (1): شبِ براءَت ۽ (2): ٻئي شبِ قدر.[2]

## سڄي سال جي گناهن جو ڪفّارو

امام **سُبْڪي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ۞ شبِ جمعہ (يعني جمعرات ۽ جمعہ جي وچين رات) پُوري هفتي جي گُنَاهن جو ڪفّارو بڻجندي آهي ۞ شبِ براءَت سڄي سال جي گُنَاهن جو ڪفّارو ٿيندي آهي ۽ ۞ شبِ قدر سڄي زِندگي جي گُنَاهن جو ڪفارو ٿيندي آهي. يعني هنن راتين ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪرڻ ۽ يادِ اِلٰهي ۾ جاڳي رات گذارڻ گُنَاهن جو ڪفارو ٿيندو آهي. ان ڪري هنن راتين کي **ڪفّاري جون راتيون** بہ چيو وڃي ٿو.[3]

---

[1] ...ابْنِ عَساکر، جلد:51، صفحہ:72-73۔

[2] ...مکاشفة القلوب، صفحہ:303۔

[3] ...مکاشفة القلوب، صفحہ:303۔

## شبِ براءَت عبادت جي رات آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت عبادت جي رات آهي، هن رات تي دِل تان غفلت جا پردا هٽائي اللّٰہ پاڪ جي ياد ۾ گذارڻ سعادت ئي سعادت آهي. اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جنهن 5 راتين کي زِنده ڪيو (يعني رات جاڳي عبادت ۾ گذاريو) ان جي لاءِ جنّت واجِب ٿي ويندي آهي: (1): تَروِيہ (يعني 8 ذُو الحج) جي رات (2): عرفہ (يعني 9 ذو الحج ) جي رات (3): عيدُ الاَضحٰي (يعني 10 ذو الحج) جي رات (4): عيد الفطر جي رات (5): نصف شعبان جي رات.[1]

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہ عَلٰی مُحَمَّد

## شبِ براءَت آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا معمولات

سيني مسلمانن جي پياري اَمڙ سائڻ حضرت بي بي عائشہ صديقہ طَيبہ، طاهره رَضِيَ اللّٰہ عَنْهَا فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري حُضُور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ادا ڪرڻ بيٺا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايترو ڊگهو سجدو ڪيو جو مون کي گمان ٿيو: ڪٿي سجدي واري حالت ئي ۾ سندن رُوح قبض نہ ڪيو ويو هجي. اهو خيال ايندي ئي مان اُٿيس ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ آڱوٺن کي هٿ لڳائي ڏٺو، حرڪت محسوس ٿئي تہ اطمينان ٿي ويو، نماز کان فارِغ ٿيڻ بعد پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي عائشہ! خبر اٿئي هي ڪهڙي رات آهي؟ مون عرض ڪيو: اللّٰہ پاڪ ۽ ان جو رسول صَلَّی اللّٰہ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻي ٿو. فرمايائون: هي نِصْف شعبان جي رات آهي، هن رات اللّٰہ پاڪ پنهنجي ٻانهن تي رحمت **ڀري نگاهہ** فرمائيندو آهي، بخشش گهرڻ

[1]…الترغيب و الترهيب، كتابُ العيدَين، جلد:2، صفحہ:98، حديث:2۔

وارن کي بخشي ڇڏيندو آهي ۽ رحم طلب ڪرڻ وارن تي رحم فرمائيندو آهي.[1]

میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں | مہِ رمضا کے صدقے میں فرما دے کرم مولیٰ!
بَراءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ!

اهڙي طرح هڪ پيري شبِ براءَت آئي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سڄي رات نماز پڙهندا رهيا، ايستائين جو صبح ٿي وئي. اُمُّ الْمُؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: سڄي رات نماز پڙهڻ سبب پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ پير سُڄي ويا هئا، مون پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا پير مبارڪ دٻائڻ جي سعادت حاصِل ڪئي.[2]

ڪڏهن هيئن بہ ٿيو جو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شبِ براءَت ۾ قبرستان تشريف وٺي ويا ۽ پنهنجي اُمّت جي لاءِ دُعاء فرمائي . حديثِ پاڪ ۾ آهي: هڪ پيري پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ شبِ براءَت تي جنّتُ البقيع ۾ تشريف وٺي ويا ۽ اتي **مسلمان مَردن، عورتن ۽ شهيدن جي لاءِ بخشش جي دُعا گهرندا رهيا.**[3]

صَد شکر خدایا تو نے دیا، ہے رحمت والا وہ آقا
جو اُمَّت کے رَنج و غَم میں، راتوں کو اشک بہاتا رہے[4]

## شبِ براءَت امام حسن جو معمول

نواسهءِ مصطفيٰ، امام حَسَن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ جو معمول مبارَڪ هو تہ پاڻ شبِ براءَت کي 3 حِصن ۾ ورهائيندا هئا، رات جي ابتدائي حِصي ۾ پنهنجي نانا جان، رحمتِ دوجهان صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي درود پڙهندا هئا، ٻئي حِصي ۾ اِستِغفَار

[1]...شُعَبُ الايمان، جلد:3، صفحہ:382و383، حديث:3835۔
[2]...دَعْواتُ الكبير للبيهقى، جلد:2، صفحہ:145، حديث:530ماخوذاً۔
[3]...شعب الايمان، جلد:3، صفحہ:384، حديث:3837۔
[4]...وسائلِ بخشش، صفحہ:475۔

ڪندا هئا (يعني الله پاڪ جي بارگاهه ۾ مغفرت جو سوال ڪندا هئا) ۽ ٿئين حِصي ۾ نفل پڙهندا هئا.

سندن کان پڇيو ويو: ايئن ڪرڻ واري جي لاءِ ڇا ثواب آهي؟ فرمايائون: مان پنهنجي والِد (يعني مسلمانن جي چوٿين خليفي موليٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه) کان ٻڌو آهي تہ نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو نِصف شعبان جي رات کي زِندهه ڪري (يعني هي رات عبادت ۾ گذاري) اهو الله پاڪ جي مُقرَّب ٻانهن جي فهرست ۾ لکيو ويندو آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس ناڪ ڳالهه اها آهي تہ هاڻي اسان جو حال بي حال آهي. افسوس! ماڻهو شبِ براءَت تي ڦٽاڪا ڦاڙين ٿا، آتش بازي ڪن ٿا، وقت ۽ پيسو ٻئي برباد ڪن ٿا، گهٽين ۾ هُل هنگامو ڪيو ويندو آهي ۽ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا فُضُول بلڪ گُناهن وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رِهي نجات جي هن رات کي الله ۽ رسول جي نافرمانين ۾ گذاري ڇڏيندا آهن.

## گُناهه الله پاڪ کان جنگ آهي

الله پاڪ اسان سڀني کي گُناهن کان محفوظ رکي، اِخلاص سان، دِل لڳائي ڪثرت سان عبادت ڪرڻ وارو بڻائي. يقين مڃو! الله ۽ رسول جي نافرماني دُنيا ۽ آخرت ۾ ذِلّت جو سبب آهي. حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائيندا هئا: **اي اِبنِ آدم!** تنهنجي هلاڪت ٿئي! ڇا تون الله پاڪ کان مقابلو ڪرڻ چاهين ٿو؟ ها! ها! جنهن الله پاڪ جي نافرماني ڪئي ڄڻ ان الله پاڪ کان جنگ ڪئي.[2]

نفس و شيطان ہو گئے غالِب ان کے چُنگل سے تُو چُھڑا یارَبّ!
نیم جاں کر دیا گناہوں نے مرضِ عصیاں سے دے شفا یارَبّ!

پيارا اسلامي ڀائرو! موت هر گهڙي ويجهو اچي رهيو آهي، جيتوڻيڪ سياڻي

---

[1] …القول البديع، صفحہ:209۔

[2] …عُيُون الحکايات، حصہ اوّل، صفحہ:52۔

ئي شبِ براءَت آهي پر زِندگي جو ڪهڙو ڀروسو، خبر ناهي اسان شبِ براءَت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهنداسين يا هن ڪان ٻهريان ئي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو. الله پاڪ اسان کي نيڪين واري وڏي ڄمار عطا فرمائي. جيڪڏهن زِندگي وفا ڪري ٿي ۽ اسان شبّ براءَت تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ٿا ته نيت ڪريو ته ڦٽاڪا ڦاڙڻ، آتش بازي ڪري وقت ۽ پيسو برباد ڪرڻ بدران اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! شبِ براءَت نيڪين ۾ گذارينداسين. الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب ڪري. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 15 شعبان جو روزو رکو!

مسلمانن جي چوٿين خليفي اَمِيرُ المُؤمنين مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، نبي ڪريم، رَءُوف رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظيم آهي: جڏهن 15 شعبان جي رات اچي ته ان ۾ قيام (يعني عِبَادت) ڪيو ۽ ڏينهن ۾ روزو رکو! (1)

## امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جون ڪجھ نصيحتون

هي حديثِ پاڪ ذِڪر ڪرڻ کان بعد شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: شبِ براءَت ۾ اَعمَال ناما تبديل ٿين ٿا، لهٰذا ٿي سگهي ته 15 شعبان المعظم تي به روزو رکيو وڃي ته جيئن اَعمَال نامي جي آخري ڏينهن ۾ به روزو هجي، 14 شعبان تي عصر جي نماز باجماعت پڙهي اتي نفلي اعتڪاف ڪيو وڃي ۽ نمازِ مغرب جي انتظار جي نيت سان مسجد ئي ۾ ترسي پئو ته جيئن اعمال ناما تبديل ٿيڻ جي آخري گهڙين ۾ مسجد جي حاضِري، اعتڪاف ۽ نماز جي انتظار وغيره جو ثواب لکيو وڃي. بلڪ **زهي نصيب! سڄي رات ئي عبادت ۾ گذاري وڃي.**

| | |
|---|---|
| کوئی محروم نہ رہ جائے زمیں پر سائِل | آسمانوں سے یہ آتی ہے صدا آج کی رات |
| آج کی رات نہ غفلت میں گزاری جائے | رَبِّ اکبر کی کرو حَمد وثنا آج کی رات |

---

[1] ...اِبْنِ ماجه، جلد:2، صفحه:160، حديث:1388.

## جهنم کان آزادي جو پروانو

اَمِيرُ المُؤمنين حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڀيري شعبانُ المعظم جي 15 رات يعني شبِ براءَت عبادت ۾ مَصرُوف هئا. مٿو مبارڪ کنيو تہ هڪ سبز پرچو مليو، جنهن جو نور آسمان تائين پکڙيل هو. ان تي لکيل هو: هٰذِهٖ بَرَاءَةٌ مِّنَ النَّارِ مِنَ الْمَلِكِ الْعَزِيْزِ لِعَبْدِهٖ عُمَرَ بْنِ عَبْدِالْعَزِيْزِ يعني (مالِڪ ۽ غالِب) رب جي طرف کان هي جهنّم جي باھ کان آزادي جو پروانو آهي جيڪو هن جي ٻانهي عمر بن عبد العزيز کي عطا ٿيو.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي ۾ جتي اَمِيرُ المُؤمنين حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عظمت ۽ فضيلت جو اِظهار آهي، اتي شبِ براءَت جي رِفعت ۽ شرافت جو بہ ظهور آهي. ڪاش! اسان کي بہ شبِ براءَت ۾ خُوب عِبَادت جي توفيق ملي ۽ هن رات بخشجي وڃڻ وارن جي فهرست ۾ اسان گنهگار بہ شامِل ٿي وڃون. الله پاڪ اسان سڀني جي مغفرت فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

هر خطا تو در گزر کر بیکس و مجبور کی | ہو الٰہی! مغفرت ہر بیکس و مجبور کی

## شبِ براءَت ۾ ڪرڻ وارا ڪجھ ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! شبّ براءَت تمام مبارڪ رات آهي، هن رات قبرستان وڃڻ، اُتي فاتحه پڙهڻ مسلمانن جي معمولات مان آهي، انهيءَ طرح نيڪ ماڻهن جي مزارن تي حاضر ٿيڻ برڪت جو سبب آهي. مشهور مفسر قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ۞ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ چوڏهين ۽ پندرهين تاريخ جو روزو رکي ۞ پندرهين تاريخ تي حلوو وغيره بزرگانِ دين جي فاتحه پڙهي صدقو ڪري ۞ ۽ پندرهين رات جو سڄي رات جاڳي نفل پڙهي ۞ ۽ هن رات تي هر مسلمان هڪٻئي کان پنهنجا

[1] ...تفسير رُوح البيان، جلد:8، صفحه:402۔

قُصُور معاف ڪرائن چوتہ بغض (يعني دِل ۾ دُشمني رکڻ) واري مسلمان جي دُعا قبول ناهي ٿيندي ۞ جيڪڏهن سڄي رات جاڳي نہ سگهي تہ جيتري قدر ٿئي سگهي عبادت ڪري ۽ قبرن جي زيارت ڪري ۞ جيڪڏهن هن رات ۾ ٻير جا 7 پن پاڻي ۾ جوش ڏئي غسل ڪري تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْعَزِيْز! سڄو سال جادُو جي اثر کان محفوظ رهندو.[1]

## پنهنجي مرحُومن کي ياد رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت ۾ پنهنجي اُنهن پيارن کي بہ ياد رکيو وڃي جيڪي دُنيا مان رخصت ٿي چڪا آهن، پنهنجي مرحُومن کي ياد رکڻ ۽ انهن سان خير خواهي ڪرڻ جو طريقو هي آهي تہ هن رحمتن ۽ مغفرتن واري رات ۾ نياز ڏياري انهن جي لاءِ ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪيو وڃي. امام جلالُ الدّين سُيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جي ڏينهن، رجب جي پهرين جمعي، نصف شعبان جي رات (يعني شبِ براءَت) ۽ جمعہ جي رات تي مري ويلن جا روح پنهنجي گهرن جي دروازن تي بيهي رهندا آهن ۽ چوندا آهن: صدقو ڪري اسان تي رحم ڪيو توڙي جو ماني جو هڪ گرهہ ئي هجي. جيڪڏهن اهي ڪا شيءِ نٿا ڏسن (يعني انهن جي ايصالِ ثواب جي لاءِ ڪجهہ بہ صدقو نہ ڪيو وڃي تہ) حسرت سان واپس موٽي ويندا آهن.[2]

## شبِ براءَت اچڻ کان پهريان ڪرڻ جا 3 ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ براءَت جو اَعمال ناما تبديل ٿيندا آهن، تنهنڪري هن رات جون برڪتون ماڻڻ، مغفرت و بخشش جي خيرات حاصل ڪرڻ جي لاءِ بهتر آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پهريان هي 3 ڪم لازمي ڪيا وڃن:

---

[1]...اسلامی زِندگی، صفحہ:134۔

[2]...دُرَرُ الحِسَان، صفحہ:33 ۔

## (1): تَوبہ ڪري وٺو!

14 شعبان المعظم جي شام سج لهڻ مهل ڇوته پوئين سال جو اَعمَال نامو ويڙهيو ويندو آهي، ان ڪري بهتر آهي ته شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پهريان تَوبہ ڪئي وڃي. حديثِ پاڪ ۾ آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ ذيشان آهي: اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَّاذَنْبَ لَهٗ گُنَاهه کان توبہ ڪرڻ وارو ايئن آهي جڻ ان گُنَاهه ڪيو ئي نہ.[1]

## گُنَاهه نيڪين ۾ بدلجي ويندا آهن

توبہَ ڪرڻ جا ڪوڙ فائدا آهن، انهن مان هڪ بهترين فائدو هي آهي ته الله پاڪ چاهي ته توبہ جي برڪت سان گُنَاهن کي نيڪين ۾ بدلي ڇڏي ٿو. سيپاري 19، سُورَت الفُرقان، آيت: 70 ۾ اِرشاد آهي:

| | |
|---|---|
| اِلَّا مَنْ تَابَ وَ اٰمَنَ وَ عَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓىٕكَ یُبَدِّلُ اللّٰهُ سَیِّاٰتِهِمْ حَسَنٰتٍؕ (پ۱۹،الفرقان:۷۰) | ترجموڪنز العرفان: پر جيڪو توبہ ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱو ڪم ڪري ته اهڙن جي برائين کي الله نيڪين سان بدلي ڇڏيندو. |

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: جيڪو ٻانهو سچي تَوبہ ڪري، الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي پڪو ايمان رکي ۽ تَوبہ کان بعد گُنَاهن جي طرف واپس نہ موٽي بلڪ نيڪيون ڪري، الله پاڪ کي راضِي ڪرڻ وارن ڪمن ۾ مَصرُوف رهي، جيڪو ٻانهو ايئن ڪندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! الله پاڪ ان جي گُنَاهن کي نيڪين ۾ بدلي ڇڏي ٿو.[2]

مجھے سچّی توبہ کی توفیق دیدے ... پئے تاجدارِ حرم یاالٰہی!

---

[1]...ابن ماجہ، کتابُ الزّہد، جلد:4، صفحہ:491، حدیث:4250۔

[2]...تفسير صراط الجنان، پاره:19، سورۂ فرقان، زيرِ آيت:70، جلد:7، صفحہ:61 مفصلاً۔

## گُنَاهہ نيڪين ۾ تبديل ٿيڻ جي حِڪايت

غيب ٻڌائڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: قيامت جي ڏينهن هڪ شَخص بارگاهِ الٰهي ۾ پيش ڪيو ويندو، حڪم ٿيندو: ان جا صغيره گُنَاهہ ان تي پيش ڪيو! پوءِ هڪ هڪ ڪري ان جا گُنَاهہ پيش ڪيا ويندا، هو هر هڪ جو اقرار ڪندو ويندو ۽ ڊڄندو هوندو تہ هاڻي ڪبيره گُنَاهن جو وارو اچڻ وارو آهي، ايتري ۾ حڪم ٿيندو: **تنهنجي هر گُنَاهہ جي جڳهہ هڪ نيڪي آهي.** هاڻي هو پڪاريندو: موليٰ! هاڻي تہ تمام وڏا وڏا گُنَاهہ آهن جن جو ذِڪر ئي ناهي ٿيو (مطلب هي تہ پهريان تہ ڊڄي رهيو هوندو تہ گُنَاهن تي پڪڙ ٿيندي پر جڏهن الله پاڪ جي رحمت ڏسندو تہ گُنَاهہ نيڪين ۾ بدلي رهيا آهن تہ چاهيندو تہ منهنجا سمورا گُنَاهہ نيڪين ۾ بدليا وڃن، ان ڪري پُڪاريندو: موليٰ! اجا وڏن وڏن گُنَاهن جو تہ ذِڪر ئي ناهي ٿيو).[1]

| | |
|---|---|
| بخش دے میری ساری خطائیں | کھول دے مجھ پر اپنی عطائیں |
| برسا دے رحمت کی برکھا | یااللّٰہ! مری جھولی بھر دے |

سُبْحٰنَ الله! اسان جي رَبّ ڪريم جي بي پناهہ رحمتن جو بہ ڇا شان آهي. ڪاش! شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پهريان اسان سچّي تَوبہ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ۽ پوئين سال جو اَعمَال نامو ويڙهيو وڃي جو ان ۾ هڪ بہ گُنَاهہ باقي نہ هجي، سچّي تَوبہ جي برڪت سان سيئي گُنَاهہ مٽجي وڃن، بلڪ زهي نصيب! گُنَاهہ نيڪين ۾ تبديل ٿي وڃن، تہ ان جي ڇا ڳالهہ ڪجي.

## تَوبہ جو طريقو

خيال رهي! اسان وٽ تَوبہ کي گهڻو هلڪو سمجهيو ويندو آهي ۞ ڪي ماڻهو پنهنجي ڳلن تي هلڪو هٿ هڻي چوندا آهن: تَوبہ، تَوبہ ۞ ڪي نڪ ۽ ڪنن کي هٿ لڳائيندا آهن ۞ ڪي ماڻهو پنهنجي زبان ڏندن سان دٻائي بہ چار ڀيرا تَوبہ

---

[1]...مسلم، ڪتابُ الايمان، صفحہ:93، حديث:190۔

تَوبہ چئي ڇڏيندا آهن، هي تَوبہ نہ آهي، **سچّي تَوبہ** جا 3 رُڪن آهن: (1): گُنَاهہ تي ان ڪري شرمسار ٿيڻ جو اها الله پاڪ جي نافرماني آهي مثال طور ڪنهن وياج وارو ڪاروبار ڪيو، هاڻي وياجي ڏيتي ليتي تي شرمندگي جا ڪيئي سبب ٿئي سگهن ٿا: ۞ ڪنهن کي وياج واري ڏيتي ليتي ۾ نقصان ٿي ويو، ان ڪري شرمسار ٿي رهيو آهي ۞ وياج واري ڏيتي ليتي جي ڪري گهر وارا يا دوست عزيز ناراض آهن، ان ڪري شرمساري ٿي رهي آهي، اهڙي شرمساري تَوبہ جي لاءِ ڪافِي نہ آهي بلڪ تَوبَہ جي لاءِ ضروري آهي تہ وياج کي الله پاڪ جي نافرماني سمجهي، الله پاڪ جي عذاب کان ڊڄندي شرمسار ٿئي (2): ٻيو رُڪن هي آهي تہ ماڻهو ان گُنَاهہ کي يڪدم ڇڏي ڏئي، ايئن نہ ٿئي جو گُنَاهہ بہ ڪري رهيو آهي ۽ تَوبہ بہ ڪندو پيو وڃي، هي تَوبہ نہ آهي بلڪ مَعاذَ الله! مذاق آهي. سچّي تَوبہ جي لاءِ ضروري آهي تہ گُنَاهہ ڇڏي ڏي، پوءِ تَوبہ ڪري (3):سچي تَوبہ جو ٽيون رُڪن هي آهي تہ آئنده هو گُنَاهہ نہ ڪرڻ جو پڪو اِرادو ڪري. هي ٽئي رُڪن پُورا ٿيندا تہ ان کي سچّي تَوبہ چيو ويندو.

میں کر کے توبہ پلٹ کر گناہ کرتا ہوں | حقیقی توبہ کا کر دے شرف عطا یا ربّ!

## (2): ٻين کان مُعَافِي گهري وٺو

ٻيو اَهم ترين ڪم هي آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان ٻانهن جا حق معاف ڪرائي وٺجن. هي بہ تَوبہ ئي جو هڪ حِصو آهي جو جيڪڏهن ڪنهن ٻانهي جي حق تلفي ڪئي هجي، جيستائين ان کان مُعَاف نہ ڪرايو، ان وقت تائين اها حق تلفي معاف ناهي ٿيندي، ان ڪري بهتر آهي تہ شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پنهنجي هر واقف ڪار کان احتياطاً مُعَافِي تَلافي ڪئي وڃي، تہ جيئن ڄاڻي واڻي يا بيخبرائي ۾ ڪڏهن ڪنهن جي دِل آزاري ٿي هجي، ڪنهن کي تڪليف پهچائي هجي تہ ان جي مُعَافِي ٿي وڃي. اسان وٽ شبِ براءَت کان اڳ ۾ واٽس ايپ وغيره تي هڪ ميسج هلندو آهي، جنهن ۾ ٻين کان مُعَافي جي درخواست هوندي آهي، هي بهتر طريقو آهي پر هڪ ميسج کي سَؤ، بہ سؤ

ماڻهن ڏانهن فارورڊ (Forward) ڪرڻ مُعَافِي جي لاءِ ڪافِي نہ آهي، بهتر هي آهي تہ جن کان ملي سگهو ٿا، انهن کان ملي، جن کي فُون ڪري سگهو ٿا، انهن کي فُون ڪري ۽ جن تائين رسائي نہ آهي، انهن کان باقاعِده صَوتي يا تحريري پيغام پنهنجي طرفان ريڪارڊ (Record) ڪرائي يا لکي موڪليو وڃي، تہ جيئن سامهون واري کي لڳي تہ واقعي سنجيدگي سان مون کان مُعَافي گهري پئي وڃي ۽ جن کان معافي گهري پئي وڃي، انهن کي بہ گهرجي تہ پنهنجي مسلمان ڀائرن کي مُعَاف ڪري ثواب ڪمائن.

## امامِ اهلسنّت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پيغام تمام مسلمانن جي نالي

11 شعبان المعظم، 1334ھ تي سيدي اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي هڪ ارادت مند (محبت رکڻ واري) کي خط لکي انهن کي شبِ براءَت اچڻ کان پهريان مُعَافِي تَلافي جي ترغيب ڏياري.

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ڪيترو جذبو هو...! خط جي ذريعي بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا، الله پاڪ اسان کي بہ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي توفيق عطا فرمائي. خير! سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خط مبارڪ جو خُلاصو هيئن آهي: شبِ براءَت قريب آهي، هن رات تمام ٻانهن جا عمل الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيندا آهن. الله پاڪ پنهنجي محبوب حُضُور پُرنُور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي هن رات مسلمانن جا گُناهہ معاف ڪندو آهي پر ڪجهہ اهي بہ آهن، جن جي هن رات بہ بخشش ناهي ٿيندي. هنن ۾ اهي بہ مسلمان بہ آهن جيڪي پاڻ ۾ دُنيا جي سبب رنجش رکن ٿا. الله پاڪ فرمائي ٿو: **انهن کي رهڻ ڏيو، جيستائين پاڻ ۾ صلح نہ ڪري وٺن.**

لهٰذا اَهلِ سُنَّت کي گهرجي تہ جيستائين ٿي سگهي 14 شعبان المعظم جو سج لهڻ کان پهريان پهريان پاڻ ۾ هڪٻئي کان صلح ڪري وٺن، هڪٻئي جا حق ادا ڪري وٺن يا معاف ڪرائي وٺن تہ جيئن اَعمَال نامو ٻانهن جي حقن کان خالي ٿئي الله رَبُّ العزّت جي بارگاهہ ۾ پيش ٿئي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ

فرمايو: سيني مسلمانن کي سمجهايو وڃي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ نه خالي زبان ڏني ويندي آهي، نه اتي نِفَاق پسند آهي. ان ڪري صلح ۽ معافي سڀ سچي دِل سان ٿئي.[1]

يعني مُعَافِي گهرڻ وارو سچّي دِل سان مُعَافي گهري،صرف رَسمي طَور تي (*Formality*) پُوري ڪندي **”مُعَاف ڪري ڇڏيو“** چوڻ يا *Sorry* چوڻ ڪافِي نه آهي، انهي طرح مُعَاف ڪرڻ وارو به سچي دِل سان مُعَاف ڪري ڇڏي، دِل ۾ مير رکي صِرف زبان سان چوڻ ته مُعَاف ڪيو، اهو دُرست نه آهي. معافي گهرڻ وارو به سچي دِل کان معافي گهري ۽ مُعَاف ڪرڻ وارو به سچي دِل سان مُعَاف ڪري ڇڏي.

معاف فَضْل و کرم سے ہو ہر خطا یاربّ! | ہو مغفرت پئے سلطانِ انبیا یاربّ!
بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یاربّ! | پڑوس خُلد میں سَرْوَر کا ہو عطا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3):دِل مان بُغض ۽ ڪينو ڪڍي ڇڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! روايتن مطابق جيڪو بدنصيب شبِ براءَت جهڙي عظيم رات ۾ به مغفرت ۽ بخشش کان محروم رهي ٿو، انهن ۾ هڪ بغض ۽ ڪينو رکندڙ به آهي. يعني جيڪو پانهو پنهنجي دِل ۾ ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي دُشمني لڪائي رکي ٿو، ان جي لاءِ به ان رات بخشش کان محروم رهڻ جي وعيد آهي. يقيناً اسان مان هر هڪ مغفرت ۽ بخشش جو طلب گار ۽ حاجت مند آهي، ان ڪري شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پهريان انهن تمام گناهن کان تَوبه سان گڏوگڏ هي به ضروري آهي ته اسان پنهنجي دِل صاف ڪري ڇڏيون، دِل ۾ ڪنهن جو بُغض ۽ ڪينو (يعني پوشيده دُشمني)، ڪنهن جي لاءِ حَسَد، ڪنهن جي لاءِ مَير نه رهي.

---

[1]…ڪليات مکاتيبِ رضا، جز:1، صفحه:356۔

## قلبِ سليم ڇا کي چئبو آهي؟

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَوۡمَ لَا يَنۡفَعُ مَالٌ وَّ لَا بَنُوۡنَ ﴿۸۸﴾ اِلَّا مَنۡ اَتَى اللّٰهَ بِقَلۡبٍ سَلِيۡمٍ ﴿۸۹﴾
(پاره 19، سورة شعراء، آيت 88۔89)

ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن نہ مال ڪم ايندو ۽ نہ پٽ. پر اهو جيڪو الله جي بارگاهہ ۾ سلامت دل سان حاضر ٿيندو.

خبر پئي جو قيامت جي ڏينهن نہ مال ڪم ايندو، نہ اَولاد ڪم ايندو، قيامت جي ڏينهن قلبِ سليم ڪم ايندو. قلبِ سليم ڇا آهي؟ ❖ اها دِل جيڪا ڪفر ۽ شرڪ کان پاڪ هجي ❖ جنهن دِل ۾ بدعقيدگي نہ هجي ❖ اها دِل جيڪا باطني بيمارين کان پاڪ هجي ❖ جنهن ۾ حسد نہ هجي ❖ بغض نہ هجي ❖ ڪينو نہ هجي ❖ دُنيا جي محبت نہ هجي، اهڙي پاڪيزه دِل وارو قيامت جي ڏينهن ڪامياب ٿيندو.

## ماڻهن ۾ اَفضَل ڪير....؟

حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡه فرمائن ٿا: پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ويو: اَيّ النَّاسِ اَفۡضَلُ؟ يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ماڻهن ۾ اَفضَل ڪير آهي؟ فرمايائون: كُلُّ مَخۡمُومِ الۡقَلۡبِ، صَدُوقُ اللِّسَانِ هر اهو شخص جيڪو مَخۡمُوۡمُ الۡقَلۡب آهي ۽ سچّي زبان وارو آهي. صحابي سڳورن عليهمُ الرِّضوَان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ! صُدُوۡقُ اللّسَان (يعني سچّي زبان وارو) ڪنهن کي چئبو آهي، هي تہ اسان کي خبر آهيَ، مَخۡمُوۡمُ الۡقَلۡب ڪير آهي؟ فرمايائون: اهو متقي شخص جنهن تي ڪو گُنَاهہ نہ هجي، ان جي دِل ۾ نہ سرڪشي هجي، نہ ڪينو هجي، نہ ئي حسد هجي.[1]

سُبۡحٰنَ الله! خبر پئي تہ جنهن جي زبان سچّي هجي، ڪوڙ نہ ڳالهائي ۽

[1]...ابنِ ماجہ، ڪتابُ الزّہد، جلد:4، صفحہ:475، حديث:4216۔

جنهن جي دِل ۾ نہ سرڪشي هجي، نہ ڪينو هجي، نہ بغض هجي، نہ حَسَد جلن هجي، اهو شخص وڏي فضيلت وارو آهي. شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه بارگاهہ رسالت ۾ استغاثو پيش ڪن ٿا:

جھوٹ سے بغض و حسد سے ہم بچیں | کیجئے رحمت اے نانائے حُسین

## ٽي ڀيرا جنّت جي بشارت ملي

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالِڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: اسان مالِڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر هئاسين، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: يَطْلُعُ عَلَيْكُمُ الْآنَ مِنْ هٰذَا الْفَجِّ رَجُلٌ مِنْ اَهْلِ الْجَنَّةِ هاڻي توهان وٽ هن رستي کان هڪ جنّتي شخص ايندو. پوءِ هڪ انصاري صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه اتان آيا، انهن جي ڏاڙهي وُضُو جي پاڻي سان تَر هئي، کابي هٿ ۾ جتي ڪنيل هئي ۽ اچي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن وري نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هاڻي توهان وٽ هن رستي تان هڪ جنّتي شخص ايندو. ٻئي ڏينهن بہ اهي ئي صحابي آيا، ٽئين ڏينهن وري ايئن ئي ٿيو. حضرت عبد الله بن عَمْرو رَضِيَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: هاڻي مان ان انصاري صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي گھر پهتس ۽ درخواست ڪئي تہ مان اوهان وٽ مهمان رهڻ چاهيان ٿو. جيئن تہ مان ٽي راتيون انهن وٽ رهيس، ان دوران مان کين انهن کي رات جو قيام (يعني نفل جي ڪثرت) ڪندي نہ ڏٺو، ها! ايترو ضرور هو تہ جڏهن هو پنهنجي بستر تي پاسو بدليندا هئا تہ ذِڪرُ الله ڪندا هئا. هڪ چڱي عادَت سندن هي بہ هئي جو هو چڱي ڳالهہ ڪندا هئا يا خاموش رهندا هئا. جڏهن 3 راتيون گذري ويون تہ مون کين اَصل ڳالهہ ٻڌائي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن مسلسل جنّت جي بشارت عطا فرمائي ۽ ٽئي ڏينهن هن بشارت جا حقدار اوهان ئي هئا. مان چاهيو تہ اوهان وٽ رهي اوهان جو عَمَل ڏسان، پر مون کي تہ اوهان جو ڪو وڏيڪ عَمَل نظر نہ آيو. ان صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمايو: منهنجو عَمَل تہ اهو ئي آهي جيڪو اوهان

ڏسي چڪا آهيو، البت هڪ عَمَل وڏيڪ آهي اهو هي ته مان پنهنجي دِل ۾ ڪنهن مسلمان جي لاءِ ڪينو نٿو رکان ۽ نه ڪنهن مسلمان کي ملڻ واري نعمت تي حَسَد ڪيان ٿو. حضرت عبد الله بن عَمرو رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمايو: ها! هي ئي اهو وَصف آهي جنهن اوهان کي هن مقام تائين پهچايو آهي.[(1)]

سُبْحٰنَ اللهُ! اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! دِل کي پاڪ رکڻ، دِل ۾ ڪنهن جي لاءِ بغض ۽ ڪينو نه اچڻ ڏيڻ، ڪنهن کان حَسَد نه رکڻ، ڪنهن جي باري ۾ دِل ۾ مِيرُ نه رکڻ جنّت ۾ وني وڃڻ وارو عَمَل آهي ۽ بئي پاسي غور ڪيو ته دِل ۾ بغض رکڻ وارو، حَسَد جو نانگ دِل ۾ پالڻ وارو ڪيترو بدبخت آهي جو شبِ براءَت جو به بخشش ۽ مغفرت کان مَحرُوم رهي ٿو، ان ڪري اسان کي گهرجي ته شبِ براءَت اچڻ کان پهريان پهريان پنهنجي دِل صاف ڪريون، جيڪڏهن ڪنهن جي باري ۾ دِل ۾ ڪجهه مِيرُ آهي ته ان کي ڪڍي ٻاهر اڇلايون، ڪنهن سان ناراضگي آهي ته پري ڪريون، ڪنهن رشتيدار سان رَنجِش هلي پئي، ڪنهن به دُنياوي مسئلي جي بنا تي لڙائي آهي، پاڻ ۾ اٽبٽت آهي ته انهن کي پري ڪريون. رحمت عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو باطِل تي هجي ۽ جهيڙو ڇڏي ڏي، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت جي ڪنڌ ۾ گهر ٺاهيندو ۽ جيڪو حق تي هئڻ باوجود به جهيڙو ڇڏي ڏي، الله پاڪ ان جي لاءِ جنّت جي مٿي واري درجي ۾ گهر ٺاهيندو.[(2)]

اُمَّتِ محبوب کا یارَبّ بنادے خیر خواہ | نفس کی خاطِر کسی سے دِل میں میرے ہو نہ بَیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## شبِ براءَت جا ڪجھ نفل

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! آخِر ۾ شبِ براءَت ۾ پڙهيا ويندڙ ڪجهه نفلن بابت

[1]...شُعَبُ الايمان، جلد:5، صفحہ:264، حديث:6605 ـ

[2]...ترمذی، کتابُ البر و الصِّلة، جلد:3، صفحہ:400، حديث:2000ـ

ٻڌون ٿا.

## شبِ براءَت جا 6 نفل

**مغرب** جي فرض ۽ سنّت وغيره کان پوءِ **ڇهہ رڪعتون** خصوصي نفل ادا ڪرڻ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه جي معمولات مان آهن، مغرب جو فرض ۽ سنّتون وغيره ادا ڪري ڇهہ رڪعتون **نفل** ٻہ ٻہ ڪري ادا ڪريو. پهرين ٻن رڪعتن کان پهريان هي نيت ڪريو تہ " يا الله پاڪ! هنن 2 رڪعتن جي بَرَڪت سان مونکي **عمر درازي بالخير** (يعني عمر ۾ برڪت) عطا فرماءِ." ٻين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان هين نيت ڪريو " ياالله پاڪ! هنن ٻن رڪعتن جي بَرَڪت سان **مصيبتن کان منهنجي حفاظت** فرماءِ." ۽ ٽين ٻن رڪعتن جي شروع ڪرڻ کان پهريان هن طرح نيّت ڪريو، " ياالله پاڪ! هنن ٻن رڪعتن جي برڪت سان مون کي **پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نہ ڪر"**

**هنن ڇهہ رڪعتن ۾ سوره الفاتحه کان بعد جيڪو چاهيو پڙهي سگهو ٿا، چاهيو تہ هر رڪعت ۾ سورة الفاتحه کان بعد 3 ڀيرا سورة الاخلاص پڙهو.** هر ٻن رڪعتن کان پوءِ ايڪيهہ ڀيرا قُلْ هُوَ اللّٰه (پوري سورت) يا هڪ ڀيرو **سورهءِ يٰسين** شريف پڙهو بلڪ ٽي سگهي تہ ٻئي پڙهي ڇڏيو. هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو اسلامي ڀاءُ يٰسين شريف وڏي آواز سان پڙهي ۽ ٻيا خاموشيءَ سان ٻُڌن، هن ۾ اهو خيال رهي تہ هن دوران زبان سان يٰسين شريف بلڪ ڪجھ نہ پڙهي. ۽ هيءُ مسئلو ياد رکو تہ جڏهن قرآنِ ڪريم وڏي آواز سان پڙهيو وڃي تہ جيڪي ماڻهو ٻڌڻ جي لاءِ حاضر آهن انهن تي فرضِ عين آهي تہ خاموشي سان ٻڌن.

**ان شاءالله رات شروع ٿيندي ئي** ثواب جا ڍير لڳي ويندا. هر ڀيري يٰسين شريف کان پوءِ دعاءِ **نصفِ شعبان** بہ پڙهو:

شيخِ طريقت، اميراهلسنت جو شعبان المعظم جي فضائل تي مشتمل رسالو آهي:"آقا(صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جو مهينو" هن رسالي ۾ دعاءِ نصف شعبان لکي آهي، اتان ڏسي پڙهي وڃي.

## 20 مقبول حج ۽ 20 سال جي روزن جو ثواب

مسلمانن جا چوٿان خليفہ اَمِيرُ الْمُؤْمنين مَولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: شبِ براءَت هئي، مون ڏٺو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ادا فرمائي رهيا آهن، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 14 رڪعتون نماز ادا فرمائي، نماز کان فارغ ٿيڻ کان بعد پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ويهي رهيا ۽ 14پيرا سورت فاتحہ، 14مرتبہ سورت اخلاص (قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد) ، 14 پيرا سورت فَلق (قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ الْفَلَق)، 14 پيرا سورت نَاس (قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاس) ۽ هڪ پيري آيَۃُ الڪرسي پڙهي ۽ آخر ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي تلاوت فرمائي:

| | |
|---|---|
| لَقَدۡ جَآءَكُمۡ رَسُوۡلٌ مِّنۡ اَنۡفُسِكُمۡ عَزِيۡزٌ عَلَيۡهِ مَا عَنِتُّمۡ حَرِيۡصٌ عَلَيۡكُمۡ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَءُوۡفٌ رَّحِيۡمٌ ﴿۱۲۸﴾ (پاره:11،سورة تَوْبَه:128) | ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ توهان وٽ توهان مان اهو عظيم رسول تشريف ڪٽي آيو جنهن تي توهان جو تڪليف ۾ پوڻ تمام ڏکيو گذرندو آهي هو توهان جي ڀلائي جو نهايت چاهڻ وارو، مسلمانن تي مهربان، رحمت فرمائڻ وارو آهي. |

موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فارِغ ٿيا تہ مون هن متعلق پڇيو تہ فرمايائون: اي علي! جيڪو هن طرح عمل ڪري جيڪو توهان ڏٺو تہ ان جي لاءِ **20 مقبول حج ۽ 20 سال جي مقبول روزن جو ثواب** لکيو ويندو.(1)

## شبِ براءَت جي 100 نفلن جي فضيلت

علامہ احمد صاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا : جيڪو شبِ براءت ۾ (100) رڪعتون پڙهي، الله پاڪ هن جي طرف 100 ملائڪ موڪليندو، 30 اُن ڪي جنّت جي

---

1...شعب الايمان، جلد:3، صفحہ:386، حديث:3841۔

خوشخبري ٻڌائيندا، 30 ملائڪ جهنم جي باھ کان بچائيندا آهن، 30 ملائڪ هن جي دنياوي آفتن کي ٽاريندا ۽ باقي 10 ملائڪ هن کي شيطان جي مڪر ۽ فريب کان بچائيندا.[1]

علّامہ ضياءُ الدّين ڊِيرِيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهيء 100 نفلن جي باري ۾ فرمائن ٿا: الله پاڪ جا نيڪ ٻانها شبِ براءت ۾ 100 رڪعتون نماز هن طرح ادا ڪندا هئا جو هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ کان بعد 10 ڀيرا سُورت اِخلاص (قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد) پڙهندا هئا. امام حَسَن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي 30 صحابي سڳورن رِضْوَانُ الله عليهم حديث بيان فرمائي تہ جنهن اها نماز پڙهي، الله پاڪ هن ڏانهن 70 ڀيرا **نگاھ ڪرم** فرمائي ٿو ۽ هر نگاھ ڪرم جي بدلي ان جي **70 حاجتون پُوريون فرمائيندو آهي**، انهن مان هڪ حاجت هي آهي جو ان شخص جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.[2]

| | |
|---|---|
| ياخُدا! ميری مغفرت فرما | باغِ فردوس مرحمت فرما |
| تُو گناہوں کو کر معاف اللہ! | ميری مقبول معذرت فرما |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## صلوٰة التسبيح بہ پڙهي وٺو!

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بهتر اهو آهي تہ شبّ براءت ۾ صلٰوة التسبيح بہ ادا ڪئي وڃي.[3] **صلوٰة التسبيح** نهايت فضيلت واري نماز آهي. ابو داؤد شريف ۾ حديثِ پاڪ ۾ آهي. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي چاچا سائين **حضرت سيدنا** عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي **صلوٰة التسبيح** سيکاري ارشاد فرمايو تہ اي منهنجا چاچا: جيڪڏهن ٿئي سگهي تہ

---

[1]…حاشيہ صاوی علی الجلالين، پاره:25، سورۀ دخان، زيرِ آيت:3، جلد:3، صفحہ:256۔

[2]…طہارة القلوب، صفحہ:136۔

[3] مجموع رسائل العلامہ الملا علی القاری، الرسالۃ: التبيان...الخ، جلد:3، صفحہ:51

**صلوٰة التسبيح** هر روز هڪ ڀيرو پڙهندو ڪر ۽ جيڪڏهن نہ ٿئي سگهي تہ هر جمعي تي هڪ ڀيرو پڙهو، ۽ هي بہ نہ ٿئي سگهي تہ هر مهيني ۾ هڪ ڀيرو ۽ هي بہ نہ سگهي تہ سال ۾ هڪ ڀيرو ۽ اهو بہ نہ ٿي سگهي تہ عمر ۾ هڪ ڀيرو.(1)

**صلوٰة التسبيح** جو طريقو ڄاڻڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، اميراهلسنت جو ڪتاب: مدني پنج سوره صفحو:279 پڙهي وٺو.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار اجتماع

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب حصو وٺو! هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم **هفتيوار اجتماع** بہ آهي، اوهان بہ هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪريو! هن جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! عِلمِ دين سکڻ لاءِ ملندو، نيڪ اجتماع ۾ شرڪت جو ثواب هٿ ايندو، دِل صاف ٿيندي، گُناهن کان نفرت نصيب ٿيندي ۽ اللّٰه پاڪ چاهيو تہ بخشش ۽ مغفرت جي خيرات بہ نصيب ٿي ئي ويندي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ وڏين راتين مثال طور شبِ براءَت، شبِ قدر، شبِ معراج وغيره جا اجتماعن جو بہ اهتمام ٿيندو آهي ❖ شبِ براءَت تي دعوتِ اسلامي جي مدني مرڪزن فيضانِ مدينہ ۽ آئمہ مساجد جي تحت مسجدن ۾ مغرب جي نماز باجماعت ادا ڪرڻ کان بعد شبِ براءَت جا 6 نفل پڙهڻ جي ترغيب بہ ڏياري ويندي آهي ۽ خوش نصيب عاشقانِ رسول اهي نوافل پڙهڻ جي سعادت ڪندا آهن. ❖ قرآنِ ڪريم جي تِلاوت بہ ٿيندي آهي ❖ پوءِ عشاء جي نماز کان بعد

---

[1] سنن ابي داؤد، ج. 2، ص. 44-حديث 1297

سنتن ڀريو اِجتماعِ شبِ معراج بہ ٿيندو آهي ❖جنهن ۾ تِلاوت ❖ نعت ❖ سُنتن ڀريو بيان ❖ ۽ رِقَّت انگيز دُعا جو سلسلو ٿيندو آهي، سڄي دنيا ۾ لکين عاشقانِ رسول هن اجتماع ۾ پنهنجي پنهنجي شهرن ۾ شرڪت ڪندا آهن، هي اجتماع سڄي رات ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ سحري جي ترڪيب ٿيندي آهي، خوش نصيب عاشقانِ رسول 15 شعبان المعظم جو نفلي روزو رکڻ جي سعادت ماڻيندا آهن. وڏو پُرلطف ۽ رِقّت انگيز ماحول هوندو آهي. اوهان بہ هن اجتماعِ پاڪ ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ شبِ براءَت نيڪين ۾ گذارڻ جي نيت ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْكَرِيْم! ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ مدني انقلاب

لاهور (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان اڪثر ڪري بدمذهبن جي صحبت ۾ رهندو هيس ۽ ان کان علاوه بہ ٻين ڪوڙ گُنَاهن جي دلدَل ۾ ڦاٿل هئس، منهنجي گُنَاهن ڀري زِندگي ۾ نيڪين جي بهار هيئن آئي جو هڪ پيري هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي شبِ براءَت جي سلسلي ۾ ٿيڻ واري سنتن ڀري اجتماع ۾ شرڪت جي دَعوت ڏني، مون ان جي دعوت قبول ڪئي ۽ شبِ براءَت جي اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، مبلغِ دعوتِ اسلامي جو پُرسوز ۽ رِقَّت انگيز بيان ٻُڌي مون کي پنهنجي گُنَاهن تي شرمندگي ٿيڻ لڳي، مون تي الله پاڪ جي ناراضي جو خوف طاري ٿي ويو ۽ منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، اجتماع جي اختتام تي هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سَفر جي ترغيب ڏياري، دِل پهريان ئي بدلجي چڪي هئي، لهٰذا مان مدني قافلي جو مُسَافِر بڻجي ويس، مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي شفقتن ڀري صحبت ۾ رهي بيشُمار سنتون سکڻ جي سَعَادت ملي، الحمد لله! مون تمام اڳوڻن گُنَاهن کان تَوبہ ڪئي، جڏهن رمضانُ المبارڪ آيو تہ مان عاشقانِ رسول سان گڏ آخري عشري جي اجتماعي اعتڪاف جي سعادت حاصِل ڪئي، انهيءَ اعتڪاف ۾ ستاويهين رات هڪ خوش نصيب اسلامي ڀاءُ کي رحمتِ عالَم،

نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خواب ۾ زيارت نصيب ٿئي، هن ڳالھ منهنجي دِل ۾ دعوتِ اسلامي جي محبت جا مزيد 12 چندِ لڳائي ڇڏيا ۽ مان مڪمل طَور تي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي ويس.

آؤ کرنے لگو گے بہت نیک کام
مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فَضْلِ رَبّ سے ہو دیدارِ سلطانِ دیں
مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اعتڪاف جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان المبارڪ جي آمد آمد آهي، نيڪين جو موسم بهار اچڻ وارو آهي. الحمدللّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ ملڪ ۽ بيروني ملڪ هزارون مقامات تي اجتماعي اعتڪاف ڪرايو وڃي ٿو، اعتڪاف ماهِ رمضان المبارڪ تي گناهن کان بچي ڪري نيڪين ۾ گذارڻ جو بهترين طريقو آهي، هاڻي کان اجتماعي اعتڪاف ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪيو. اچو! اعتڪاف جي فضائل تي 3 احاديث ٻڌون ٿا: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو اللّٰه پاڪ جي رضا ۽ خوشنودي جي لاءِ هڪ ڏينهن جو اعتڪاف ڪندو اللّٰه پاڪ ان جي ۽ جهنم جي درميان 3 خندقون حائل ڪري ڇڏيندو، هرخندق جي مسافت(يعني دوري) مشرق ۽ مغرب جي فاصلي کان به وڌيڪ آهي.[1] ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه، طيبه، طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهَا کان روايت آهي: مَنْ اِعْتَكَفَ اِيْمَاناً وَ اِحْتِسَاباً غُفِرَ لَهٗ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِه جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناه بخشيا ويندا.[2] هڪ حديثِ پاڪ ۾ فرمايائون: جنهن رمضان المبارڪ ۾ 10

---

1 شُعَبُ الْاِيْمَان، باب:فی الاعتكاف، جلد:3، صفحه:425، حديث:3965

2 جَامِع صغير، صفحه:516، حديث:8480

ڏينهن جو اعتڪاف ڪري ورتو اهو ايئن آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيا.(1)

## ”القرآن الڪريم“ ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي اسان کي موبائل جي ذريعي بہ نيڪيون ڪمائڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. دَعوَتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ جي طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: *Al Quran al kareem* (القرآن الڪريم ). اها ايپلي ڪيشن *Android* ۽ *IOS* ٻنهي ڊيوائسز تان ڊاؤن لوڊ (*Download*) ڪري آساني سان استعمال ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ❖ مڪمل قرآنِ پاڪ پڙهڻ ❖ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي ❖ هن سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي **Bookmark** بہ ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت کي **Bookmark** ڪري آساني سان پڙهي سگهجي ٿو.

اها ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو وٺو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَن اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَد اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيءَ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(2)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

---

1 جَامِع صغِير، صفحہ:516، حديث:8479

2 ...مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

## منڊي پائڻ جون سُنّتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! مَرد کي سون (*Gold*) جي منڊي (*Ring*) پائڻ حرام آهي. سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو ❖ نابالغ (تمام ننڍي) ڇوڪر کي بہ سون جا زيور پارائڻ حرام آهن ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ئي ڇوڪرن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي ❖ لوهہ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي ❖ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ کان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٽي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي ❖ بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو آهي ❖ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي ❖ عيدن تي منڊي پائڻ مُستَحب آهي، پر مرد اها ئي جائز واري منڊي پائي ❖ مرد کي گهرجي تہ منڊي جو نگينو تري ڏانهن ۽ عورت منڊي جو نگينو هٿ جي پشت (يعني هٿ جي پٺي) ڏانهن رکي ❖ چاندي جو ڇلو خاص زَنانو لباس(يعني عورتن جو زيور) آهي مَردن کي مڪروه (تحريمي، ناجائز ۽ گُناه آهي) ❖ عورت سون چاندي جون جيتريون چاهي منڊيون ۽ ڇلا پائي سگهي ٿي، هن ۾ وزن ۽ نگيني جي تعداد جو ڪو قيد نہ آهي ❖ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو تہ لوهہ بلڪل ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن کي بہ) منع نہ آهي.[1]

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو 91 صفحن جو

---

[1]...550سنتيں اور آداب، صفحہ:57-58ملتقطاً۔

رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو |
| گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1] |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...وسائل بخشش، صفحہ:669۔